ڊاڪٽر احسان دانش

# خيام، مَنڌُ ۽ شاهه لطيف


***Abstract:***

**Khayyam, Wine and Bhitai**

*Much of the world’s poetry contains discussion about wine. Poets of different languages have symbolically used wine in their poetry. It is presented as a source of ecstasy or as an escape from the worldly affairs, a cure for pain and a link with the creator. In a way poetry world over is somehow associated with enchanting effects of wine. A large number of classical and modern Persian poets have recurrently referred to liquor, wineglass, intoxication and taverns as symbols.*

*The discussion about wine in world literature will always be incomplete without the mention of poet Hakeem Umar Khayyam of Nishapur, Iran. He is considered as one of the most prominent and important poet of Persian language and liquor is undoubtedly the most prominent subject of his poetry. His poetry is replete with references to wine, pubs, potters, preachers and wine butlers. Similarly references to wine are found in Shah Latif’s poetry. Some verses of Latif’s such as Sur Kalyan mention liquor whereas in Sur Yaman Kalyan there is a tale of wine servers and wine drinkers and in the same context there are verses which contain the symbolic mention of wine and tavern.*

*I have highlighted the collective thought of Khayyam and done a comparative study of his and Shah Latif’s poetry with reference to wine. This is a unique and ground-breaking study of its kind in Sindhi language.*


**دنيا** جي قديم ترين شاعريءَ ڪان سخن جي جديد ترين نقوش تائين لڳ ڀڳ دنيا جي سموري شاعريءَ ۾ شراب جو ذڪر موجود آهي. هر سماج ۾ شراب لاءِ الڳ الڳ استعارا موجود آهن ۽ هر ڪنهن جو پئمانو پنهنجو آهي پر شراب ساڳيو آهي. يعني اولهه ۽ اوڀر، اتر ۽ ڏکڻ جي شراب جي خمار ۽ سرور ۾ ڪو فرق نہ آهي. تنهن ڪري چئني ڏسائن جي سخنورن پنهنجن پنهنجن پئمانن ۾ خيالن جي مڌ اوتي جهان کي مخمور پئي ڪيو آهي.





شراب لاءِ اسان وٽ عام طور دارون، مئي، انگور رس، ڪڙو، سَرو، مڌ، منڌ ۽ مڌيرا جهڙا لفظ استعمال ٿيندا آهن، پر لطيف سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ شراب لاءِ منڌ، سَرو، ڪکوهه ۽ ڪڙو لفظ ڪتب آندا آهن. جدا جدا ٻولين جي شاعرن شراب کي الڳ الڳ ڪيفيتن ۾ اوتيو آهي. ڪڏهن منڌ کي سرور ۽ راحت جي سامان طور پيش ڪيو ويو آهي تہ ڪڏهن وري ان کي دنيا کي وسارڻ جو ذريعو ڄاڻايو ويو آهي، ڪڏهن ڪڙي کي درد کان دوريءَ جو باعث ڄاتو ويو آهي تہ ڪڏهن وري ان کي معرفت جي مئي قرار ڏنو ويو آهي. مطلب دنيا جي سموري شاعري ڪنهن نہ ڪنهن طرح مڌ جي ڪيف ۽ سرور ۾ جڪڙيل رهي آهي، پر خاص طور فارسي زبان جي انيڪ ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ شراب، ساغر، مينا، جام، خمار ۽ مئڪدي جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي. ”پارسي شاعرن مي ۽ ميخانہ جي ماحول کي تفصيل سان پنهنجي شعرن ۾ بيان ڪيو آهي. ميخاني جي هر شئي اهڙي دلفريب انداز سان بيان ڪئي اٿائون جو ميڪشيءَ جو سمورو سمو اکين آڏو اچي بيهي. هڪ طرف ساقي پنهنجي نرگسي نيڻن ۽ مخمور اکين سان هڪ هٿ ۾ صراحي يا مينا ۽ ٻئي هٿ ۾ جام جهليو بيٺو آهي، مي نوشن جي آڻ آڻ لڳي پئي آهي. ڪي آهن جي ڇُڪي چاڙهڻ سان پنهنجا هوش ۽ حواس وڃائي ٿا ويهن ٻيا خم خالي ڪريو ڇڏين. هڪ طرف پيرِ مغان ويٺو آهي، ميڪده جو هر مينوش سندس معتقد آهي. سندس هر حڪم جي تعميل عين سعادت سمجهي ٿي وڃي. ميخوارن جي لب تي ڪڏهن ساقي جي قرب جا قصيدا آهن ۽ ڪڏهن بي رخيءَ جو شڪوه ۽ شڪايت آهي. پارسي شاعرن مي ۽ ميخانہ کي ڪڏهن مجازي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي ۽ ڪڏهن ان مان تصوف جا باريڪ نڪتا بيان ڪيا آهن. جنهن بہ رنگ ۾ هنن مي ۽ ميخانہ جو ذڪر ڪيو آهي. اهو نشو ڏيندڙ آهي.“[١]

امير خسرو مي جي لاءِ چوي ٿو ڄڻ پاڻيءَ ۾ باهہ مليل آهي:

مے میانِ شیشۂ ساقی نگر
آتشی گویا بہ آب آلودہ اند.

حافظ شيرازي کي رڳو جام جو فڪر آهي:

خوشتر از فکرِ مے جامہ چہ خواہد بود
چوں خبر نیست کہ انعام چہ خواہد بود.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(جڏهن اهو پتو ئي نہ آهي تہ انجام ڇا ٿيندو تہ پوءِ منڊ ۾ جام جي فڪر کان وڌيڪ سٺي ڳالهہ ڪهڙي آهي)

امير علي شير نوايي مئڪدي جي در جي خاڪ کي سرمو بڻائڻ جو ڏس ٿو ڏئي:

ای دل از نورِ یقین می طلبی سرمئہ چشم
بہ جز از خاکِ درِ میکدہا نتواں کرد

(اي دل جيڪڏهن توکي يقين جي نور جي تلاش آهي تہ مئڪدي جي در جي مٽيءَ کان سواءِ ڪنهن شيءَ کي اکين جو سرمو نہ بڻاءِ.)

انگريزي شاعري پڻ الڪوحل، وائين ۽ وسڪي ۾ ٻڌل رهي آهي. انگريزيءَ جي ڪيترن ئي عظيم شاعرن شراب جي موضوع کي پنهنجن شعرن ۽ نظمن ۾ آندو آهي. بيشڪ انگريزي شاعريءَ جو لهجو ۽ اسلوب پنهنجو ۽ اوپر جي شاعريءَ کان مختلف آهي. مثال طور مشهور انگريزي شاعره ايملي ڊڪينسن (Emily Dickinson) جو هي نظم I taste a liquor never brewed ڏسو:

"I taste a liquor never brewed –
From Tankards scooped in Pearl –
Not all the Frankfort Berries
Yield such an Alcohol!

Inebriate of air – am I –
And Debauchee of Dew –
Reeling – thro' endless summer days –
From inns of molten Blue –

When "Landlords" turn the drunken Bee
Out of the Foxglove's door –
When Butterflies – renounce their "drams" –
I shall but drink the more!

Till Seraphs swing their snowy Hats –
And Saints – to windows run –
To see the little Tippler
Leaning against the – Sun!"(2)

ايملي ڊڪينسن جي ان مڌ متي نظم ۾ خمار جون عجيب ڪيفيتون آهن. انگور جي رس ۾ ٻڌل ان نظم ۾ رُتن جو جادو بہ آهي تہ هوائن جي مدهوشي بہ، پوپٽن





جي خوابن جو خون بہ تہ پياڪن جون موجون ۽ انوکا ماڻا پڻ. ان نظم ۾ جهولڻ، جهومڻ ۽ مدهوشيءَ وارا سارا آثار موجود آهن. اهڙي ريت Charles Bukowski جو 'پيئڻ' جي موضوع تي لکيل هي مختصر پر شاندار نظم بہ پڙهڻ سان تعلق رکي ٿو:

I went to the worst of bars
hoping to get
killed.
but all I could do was to
get drunk
again.(3)

فارسي ۽ انگريزي شاعريءَ کان علاوه ننڍي کنڊ جي ٻولين ۾ اردو زبان جي شاعرن بہ خمريات جي موضوع تي گهڻو ڪلام رچيو آهي. خاص ڪري اردو جي ڪلاسيڪل شاعرن ان موضوع تي زبردست قلم آرائي ڪئي آهي. غالب تہ ان حد تائين چئي ڇڏيو تہ:

ہر چند ہو مشاہدہ حق کی گفتگو
بنتی نہیں ہے بادہ و ساغر کہے بغیر

اردو شاعريءَ ۾ خمريات جي موضوع تي هوڻ تہ انيڪ شعر لکيل آهن پر اردو ٻوليءَ جي پنهنجي پنهنجي دور جي ٽن وڏن شاعرن، مرزا غالب، جگر مراد آبادي ۽ داغ دهلوي جي هيٺين شعرن منجهان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اردو ادب ۾ منڊ جي ڪيڏي اهميت آهي:

گو ہاتھ کو جنبش نہیں آنکھوں میں تو دم ہے!
رہنے دو ابھی ساغر و مینا مرے آگے۔
(غالب)

سب کو مارا جگر کے شعروں نے
اور جگر کو شراب نے مارا
(جگر مرادآبادی)

پہلے شراب زیست سے اب زیست ہے شراب
کوئی پلا رہا ہے پیئے جا رہا ہو میں۔
(جگر مرادآبادی)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ساقیا تشنگی کی تاب نہیں
زہر دے دے اگر شراب نہیں۔
(داغ دہلوی)

دنيا جي ادب ۾ جڏهن بہ منڌ ۽ شراب جو ذڪر ايندو تہ ايران جي نيشاپوري شاعر، حڪيم عمر خيام جي ذڪر کان سواءِ ڳالهہ مڪمل نہ ٿيندي. عمر خيام جو نالو فارسي زبان جي نهايت اهم شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو هن جي شاعريءَ ۾ لاشڪ حاوي موضوع خمريات آهي. تنهن ڪري سندس ڪلام ۾ شراب، شراب خانن، ڪوزه گرن (ڪنڀارن)، واعظ ۽ ساقي وغيره جو گهڻو ذڪر ملي ٿو. ائين ئي شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ بہ خمريات جو ذڪر نظر اچي ٿو. شاهہ لطيف جي سُر ڪلياڻ جي ڪجهہ بيتن ۾ مڌ ۽ ڪلال جي ڳالهہ آهي، جڏهن تہ سُر يمن ڪلياڻ ۾ موڪي ۽ متارن واري قصي جي روشنيءَ ۾ بيت چيل آهن. متارا، جيڪي پياڪ آهن ۽ موڪي پيئاريندڙ آهي. ان حوالي سان هن سُر ۾ شاهہ سائينءَ ساقي ۽ ميخوار، مڌ ۽ مئخاني جو ڀرپور ذڪر ڪيو آهي. پر جيئن شاهہ لطيف جا مذڪوره ٻئي سُر پڙهڻ کان پوءِ اسين ڪيس فقط خمار جو شاعر نہ ٿا سڏيون، تيئن ئي خيام کي رڳو مڌ جو شاعر نہ سمجهڻ کپي. هُن وٽ پٽائيءَ جي ڀيٽ ۾ شراب جي ڪيف ۽ سرور جي ڪيفيت بيشڪ وڌيڪ آهي پر سندس شاعريءَ ۾ ٻيا بہ ڪيئي علمي، روحاني ۽ سماجي موضوع آيل آهن، جن تي ڳالهائڻ جي ضرورت آهي.

مقالي جي موضوع تي ڀرپور روشني وجهڻ لاءِ مون هن مقالي کي پنجن عنوانن ۾ ورهايو آهي. جن وسيلي نہ رڳو عمر خيام جي مجموعي فلاسافي ۽ خمريات واري ڪلام جي پروڙ پوندي پر خيام ۽ ڀٽائيءَ جي فڪري يڪ رنگي يا ندرت جي پڻ ڄاڻ ملندي. اهڙي طرح شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ مئي ۽ مئخوار جي ذڪر کي ڇيڙي، خيام ۽ ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ منڌ جي حقيقت تائين رسائي ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي ويندي. مقالي ۾ جن عنوانن تي تحقيق ڪندي نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي انهن ۾ پهريون 'عمر خيام جو فڪر'، ٻيو 'خيام ۽ ڀٽائي جي ڪلام ۾ هڪجهڙائي'، ٽيون 'عمر خيام جي ڪلام ۾ منڌ'، چوٿون 'ڀٽائي جي ڪلام ۾ منڌ' ۽ پنجون 'خيام، مَنڌُ ۽ ڀٽائي' شامل آهن.





## عمر خيام جو فڪر:

جهڙيءَ ريت خيام هڪ گهڻ رخي شخصيت هو ۽ هو هڪ ئي وقت ماهرِ ارضيات، فلڪيات، رياضيات ۽ ادبيات هو، تهڙيءَ ريت هو هڪ مفڪر شاعر پڻ هو، هن جي شاعريءَ جا ڪيئي رخ ۽ پهلو آهن:

"It is quite appropriately claimed that Khayyam was the poet of destiny. However, it will be very wrong of us to think that he was a fatalist, at least by the common understanding and definitions that we have of this word. There are two major schools of thought in trying to classify Omar Khayyam's Rubaiyat. One claims that he was highly influenced by Islamic mysticism, and particularly sufism, and his references to wine and lovers are allegorical representations of the mystical wine and divine love. A second school of thought refutes the first completely, claiming that Khayyam understood his mortality and inability to look beyond, and his references to wine and lovers are very literal and sensual."(4)

عمر خيام جو ڪلام نہ رڳو ڳُتيل ۽ گهڻ رخو پر متضاد پڻ آهي. هن پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ نہ رڳو شراب جي حقيقت ۽ خمار جي سرور کي آشڪار ڪيو آهي پر هن جي ڪلام ۾ ٻيا بہ ڪيئي عنوان شامل آهن. "هن جي سموري شاعريءَ کي اٺن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون ڏٺيءَ جي عظمت ۽ ٻانهي جي ٻانهپ، ٻيو حضور ﷺ جي اطاعت، ٽيون مذهب ۽ دين جو مقام، چوٿون عاقبت ۾ بہ معشوق ۽ محبوب جي طلب، پنجون خمريات، ڇهون زندگيءَ جو فلسفو، ستون خوشيءَ جو سنيهو ۽ غمن کان دوري ۽ اٺون ڪوزو (پيالو)، ڪوزه گر ۽ عبرت جو مقام. عمر خيام جي شاعري رباعين تي مشتمل آهي، جن ۾ مٿين عنوانن سان لاڳاپيل جيڪي موضوع ملن ٿا، انهن ۾ دنيا جي ناپائداري، انسان مٽي آهي ۽ مٽي تي ويندو، غرور، تڪبر، حرص ۽ هوس کان پري رهڻ، جز ۽ ڪُل جي حقيقت، متقين جي دعويداري کي وائکو ڪرڻ، عقل ۽ خرد جا معاملا، انصاف لاءِ پاڻ پتوڙڻ، حال جي حقيقت کي سمجهڻ، خود مختياري ۽ پڪي ارادي لاءِ اتساهہ، تقدير، خودي ۽ بي خودي جا مسئلا وغيره شامل آهن."(۵) عمر خيام جي شاعريءَ جي مجموعي جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ هون رڳو مٿين موضوعن تي ئي نہ پر سماج ۽ سماج سان لاڳاپيل معاملن جي حوالي سان قلم ڪنيو آهي ۽ سندس ڪيترين ئي رباعين ۾ سندس دور جي سماجي نقش نگاري پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”هو پنهنجي هيئين رباعيءَ ۾ سماج جي هڪ اهڙي ڪردار سان مخاطب آهي، جنهن جي فتويٰ سان معاشري ۾ ڪفر ۽ ايمان جو فيصلو ٿيندو آهي. اهڙي مفتيءَ سان خيام هن طرح مهاڏو اٽڪائي ڄڻ بغاوت جو جهنڊو هٿ ۾ ڪنيو آهي:

اے مفتی شهر از تو پُرکار تریم
با این همه مستی از تو هشیار تریم
تو خون کسان خوری و ما خون رزی
انصاف بده کدام خونخوار تریم

(ابڙو، عطا الله، رباعيات عمر خيام رباعي٢٢٢، ص:١٦٥)

(اي شهر جا مفتي! اسين توکان وڌيڪ فعال ۽ ڪارآمد ماڻهو آهيون، هن سموري مستي ڪانپوءِ به اسين توکان وڌيڪ هوش مند آهيون. تون ماڻهن جو رتُ پيئندو آهين ۽ اسين انگور جو رسُ (شراب). تون پاڻ ئي انصاف ڪر ته اسان ٻنهي مان وڌيڪ خونخوار ڪير آهي.)

عمر خيام پنهنجي هڪ ٻي رباعيءَ ۾ چوي ٿو ته:

قانع بیک استخوان چو کر گس بودن
به زانکه طفیل خوان ناکس بودن
بانان جوین خویش حقا که به است
که آلوده بپالوده هر خس بودن

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباعي، ٢٣١، ص:١٧٠)

(ڪنهن ڪميڻي جي دسترخوان جي تمنا ڪرڻ ڪان، ڳجهه وانگر رڳو هڪڙي هڏيءَ تي قناعت ڪري وٺڻ بهتر آهي. سچي ڳالهه ته اها آهي ته پنهنجي جوئر جي ماني بهتر آهي ان مانيءَ ڪان جيڪا گدلي ٿي وئي هجي ڪنهن واهيات قسم جي ڪميڻي ماڻهوءَ جي صاف ستري مانيءَ سان.)

”هن رباعيءَ ۾ خيام، سماج جي ان ڪلاس جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن لاءِ پيٽ جو دوزخ ڀرڻ ئي سڀ ڪان وڏو مسئلو آهي. ٻئي پاسي اهو طبقو آهي جيڪو روز پنهنجي گهر ۾ عمده دسترخوان وڇائي سگهي ٿو. هن رباعي ۾ هڪ پاسي سماج جي ان طبقاتي ورڇ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ته ٻئي طرف مفلس ۽ لاچار ماڻهوءَ جي





خوديءَ ۽ خودداريءَ جي احساس کي اڀاريو ويو آهي. نه رڳو ايترو پر رباعيءَ ۾ سماج جي ڏڪار لائق ڪردارن جي پٽ به وائکي ڪئي وئي آهي.“(٦)

خيام جو فڪر ڏاڍو عميق ۽ گهرو آهي. هن وٽ زندگيءَ جو فلسفو آهي. هو انسان جي عروج ۽ زوال جي کهاڻي ۽ زندگيءَ جي حقيقت بيان ڪندي چوي ٿو:

دی کوزه گری دیدم اندر بازار
بر پای گل لکده می زد بسیار
وان گل بزبان حال با او میگفت
من هم چو تو بوده ام مرا نیکو دار

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباعي، ١٦٣، ص:١٣٦)

(ڪالهه مان بازار ۾ ڏٺو ته هڪ ڪنڀر (آلي) مٽيءَ تي ڏاڍيون لتون پيو هڻي (ته جيئن ان کي هڪ ڪرو ڪري سگهي) ۽ اها چيڪي مٽي پنهنجي زبان سان ڪنڀر کي پنهنجو احوال ٻڌائي رهي هئي ۽ چئي رهي هئي ته مون سان ڪجهه چڱو ورتاءُ رکُ ڇو ته ڪڏهن مان به تو وانگر ئي هيس.)

خيام وٽ لمحهءِ موجود جي تمام وڏي اهميت آهي. هو وقت جي رفتار سان هلڻ پسند ڪري ٿو، هو نه ته گذري ويل وقت تي پشيمان آهي ۽ نه ئي ايندڙ وقت لاءِ فڪرمند. هو انهيءَ پل کي زندگي ڄاڻي ٿو جيڪو انسان جي هٿ ۾ آهي. يعني حال(هلندڙ وقت):

روزی که ز تو گذشته شد یاد مکن
فردا که نیامده است، فریاد مکن
از آمد و بگذشته خود یاد مکن
حالی خوش باش و عمر برباد مکن

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘ رباعي ٢٣٦، ص: ١٧٢)

(جيڪو ڏينهن گذري ويو ان کي ياد نه ڪر ۽ سڀاڻي لاءِ جو آيو ناهي ڪا واويلا نه ڪر. پنهنجي اچڻ ۽ وڃڻ کي ياد نه ڪر. هاڻي حال ۾ خوش رهه ۽ پنهنجي عمر برباد نه ڪر.)

سچي ڳالهه به اها آهي ته جيڪو ماڻهو پنهنجي حال ۾ زنده رهندو آهي اڳتي هلي ان جو ماضي به يادگار ٿي ويندو آهي ته مستقبل به شاندار.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عمر خيام جي ڪلام ۾ فڪر جون جيڪي ڏياتيون ڀرن ٿيون اهي انسان جي ذهن ۽ ضمير کي روشن ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. جيڪڏهن اسين خيام جي ڪلام مان حياتيءَ جي حقيقت، متيءَ جي مامر، وقت جي اهميت، خوداري ۽ بيباڪي وغيره جهڙن نڪتن کي سمجهندي سندس خمريات واري فلسفي ڏانهن نهاريندا سين ته ان کي سمجهڻ ۾ ڪافي سولائي محسوس ٿيندي.

## خيام ۽ ڀٽائي جي ڪلام ۾ هڪجهڙائي:

جيئن عمر خيام ايران جي شاعرن ۾ ممتاز مقام رکي ٿو تئين شاهه لطيف به سنڌ جي شاعرن ۾ اعليٰ رتبي تي فائز آهي. جيتوڻيڪ ٻنهي جي دور ۾ حالتن ۾ وڏو فرق آهي پر سندن فڪر ۾ يڪ رنگيءَ جا ڪوڙ مثال ملن ٿا. عمر خيام جون ڪيتريون ئي رباعيون ۽ شاهه لطيف جا ڪيئي بيت بنيادي خيال جي لحاظ کان هڪ جهڙا محسوس ٿين ٿا. هتي مون ٻنهي شاعرن جي شاعريءَ مان ڪجهه مثالن وسيلي اهڙي فڪري هڪجهڙائي جي هڪ جهلڪ پيش ڪئي آهي.

عمر خيام ’متيءَ‘ جي موضوع تي شاندار رباعيون چيون آهن، جن ۾ نه رڳو متيءَ جي اهميت ۽ عظمت بيان ڪئي وئي آهي، پر ان جي حقيقت کان به آگاهه ڪيو ويو آهي. صوفين ماڻهوءَ کي متيءَ جو بُت ڄاڻايو آهي جنهن کي وري متيءَ ۾ ئي ملي وڃڻو آهي. تنهن ڪري ماڻهوءَ کي متيءَ کان نفرت نه ٿي جڳائي، ڇوته اڄ جيڪا متي پيرن هيٺان آهي سا سڀاڻي وري ماڻهوءَ جي مٿان هوندي. خيام چوي ٿو ته:

خاکی که زیر پای هر نادانی است
کف صنمی و چهرهء نادانی است
هر خشت که بر کنگره ایوانی است
انگشت وزیر یا سر سلطانی است

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباعي، ٢٤، ص:٦٦)

(اها متي جيڪا هر نادان شخص جي پيرن جي هيٺان آهي، اها ڪنهن معشوق جو هٿ ۽ ڪنهن نادان جو مُک آهي. هر اها سِرَ جيڪا ڪنهن محل جي ڇت جو ڪنارو آهي اها ڪنهن وزير جي آڱر يا ڪنهن بادشاهه جو مٿو آهي.)

يعني جيڪا متي اسان جي پيرن هيٺان آهي يا جنهن متيءَ محلاتن کي به زيب





۽ زينت بخشي آهي، ان ۾ ڪيترا ئي انسان پنهان آهن. معشوق ۽ نادان، وزير ۽ بادشاهه هڪ ئي هنڌ پيا آهن. مطلب ته موت کان پوءِ ڪا ننڍ وڏائي نه ٿي رهي، ڪا ذات پات، ڪو عهدو ۽ رتبو باقي نه ٿو رهي. هر شيءِ خاڪ ٿي وڃي ٿي. بابا فريد به انهيءَ خاڪ جو شانُ ۽ مانُ مٿاهون ڄاڻايو آهي.

فريدا خاڪ نه ننديئي، خاڪ جيڊ نه ڪوءِ،
جيوندياں پيران تلي، مويان اُپر هوءِ.

(اي فريد! متيءَ کي نه نند، ڇوته ان جيڏو وڏو ٻيو ڪو ڪونهي: اسان جي جيئري اسان جي پيرن هيٺان آهي، مُئي پڄاڻان اسان جي مٿان ٿيندي.)

شاهه لطيف، ’متيءَ جي جيئري پيرن هيٺان ۽ مئي مٿان هجڻ‘ واري انهي بنيادي خيال کي بيان ڪندي ’سُر مومل راڻو‘ ۾ جيڪو بيت ڏنو آهي، تنهن ۾ان خيال کي خيام يا فريد جي فڪر پٽاندڙ جيئن جو تيئن پيش نه ڪيو آهي پر ڪمال جي ڪشادگي به ڏني آهي:

جا پُون پيرين مُون، سا پُون مَٿي سَڄَڻين،
ڏِگ لَـٽِـيـا ڏُوڙِ ۾، اُيِـي ڏِنـاسُـون،
ڏيـنهـن مِـڙيـئِي ڏُون اُٿِي لـوچِ لَطِـيفُ چـي.

(شاهواڻي غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘ سُر مومل راڻو، داستان ٥، بيت ٤، ٢٠٠٥ع، ص: ٥٣٤)

انسان جو متيءَ سان متي ٿي وڃڻ اصل ۾ زندگيءَ جي بي ثباتيءَ ڏانهن اشارو آهي. ان متيءَ ۾ ڪيئي جُنگ جوان، جوڌا ۽ سورهيه لٽجي ويا ۽ سندن وجود جو نشان ئي ختم ٿي ويو. بقول عمر خيام ’اهي متيءَ سان متي ٿي ويا‘. لطيف چوي ٿو ته ٻن ڏينهن جي زندگي آهي، ساهه جي سگهي تي ڪو يقين نه آهي، اهو ڪڏهن به ٽٽي سگهي ٿو. ان ڪري حياتيءَ کي اجايو نه وڃاءِ، بلڪ لُڇندي ۽ لوچيندي گذار. خيام جي هيٺين رباعي ۾ به لڳ ڀڳ اهڙو ئي خيال موجود آهي:

تا کی غم آن خورم که دارم یا نه
وین عمر بخوشدلی گذارم یا نه
پُر کن قدح باده که معلوم نیست



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

کایندم که فرو برم آرم یا نه

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباعي، ٢٥١، ص:١٨٠)

(مان ڪيستائين ان شيءِ جو افسوس ڪندو رهان جيڪا مون وٽ آهي به الائي نه ۽ ان ڇمار ڪي مان خوش دليءَ سان گذاريان به يا نه. (اي ساقي) تون مڌ جو جام ڀر ڇو ته مونکي خبر ناهي ته هي ساهه جو مان ڪڍي رهيو آهيان، اهو ٻيهر به ڪڍي سگهندس يا نه!)

سوين صديون اڳ يونان جي ڏاهي سقراط چيو هو ته:

“The only true wisdom is in knowing you know nothing.”(7)

(سچي ڏاهپ ان ڄاڻ ۾ آهي ته توهان ڪي ڪا ڄاڻ نه آهي.)

پٺائي به صديون اڳ انهيءَ سچ کي ورجائيندي چيو ته: ”الله ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن“. اهو سچ آهي ته ڏاهپ وڏو ڏک آهي ۽ ڄاڻ ئي ماڻهوءَ ڪي اڻ ڄاڻائيءَ جو احساس ڏياري ٿي، ڇو ته جيئن جيئن ماڻهو ڄاڻندو ٿو وڃي، تيئن تيئن ڪيس احساس ٿئي ٿو ته مونکي ڪيڏين شين جي ڄاڻ نه آهي ۽ اڃا الاجي ڪيڏيون ڳالهيون هونديون جن جي مونکي ڄاڻ نه هوندي. خيام جي هيٺين رباعي ۾ به ڪجهه اهڙي ئي ڳالهه آهي:

دشمن بغلط گفت که من فلسفیم
ایزد داند که آنچه او گفت نیم
لیکن چو در این غم آشیان آمده ام
آخر کم از آنکه من بدانم که کیم

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباعي ٢١٤، ص:١٦١)

(دشمن غلطي ۾ چئي ڇڏيو ته مان هڪ فلسفي ۽ ڏاهو آهيان. خدا ڄاڻي ٿو ته هن جيڪو ڪجهه چيو سو مان ناهيان. پر جڏهن مان هن ڏکن ڀري ڀونءِ تي آيو آهيان (ته مونکي خبر پئي) ته مان ته ان مقام کان ئي گهٽ آهيان، جيڪو مان ڄاڻان ٿو ته مان ڪير آهيان.)

صوفين کي خودي ۽ پاڻ پڏو پسند نه هوندو آهي ۽ اهي ڪڏهن به پنهنجي علم يا هنر تي ناز نه ڪندا آهن. لطيف سائين به شايد تڏهن ئي چيو هو ته: ’**مون تي مون پرين، ڀورائيءَ ۾ ڀال ڪيا.**‘ خيام جو اهو ’آءُ‘ کان انڪار وارو فلسفو جڏهن لطيف وٽ پهچي ٿو ته فرمائي ٿو:





پاڻُ مَ ڪَڇج پاڻَ سين، رِيءَ وَسِيلي وَڏُ،
لالَـنُ تَنِين لَڌُ، عِشقُ جَنِين جي اڳَ ۾.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر سهڻي، داستان ١، بيت ٢٨، ٢٠٠٥ع، ص: ٢٢٣)

جڏهن انسان مان ’آءُ‘ اٿي وڃي ٿي تڏهن ئي عشق سندس رهنما بڻجي ٿو. ڀٽائي پنهنجي دور جو هڪ سجاڳ، ساڃاهه وند ۽ ڏاهو انسان هو، جنهن جو ثبوت سندس ڪلام آهي پر هن پنهنجي عقل، سمجهه ۽ ادراڪ کي ڪڏهن به غرور ۾ تبديل نه ڪيو ۽ سقراط ۽ خيام جي سنت مطابق پنهنجي مٿان ڪڏهن ’خوديءَ‘ جو خول چاڙهڻ جي ڪوشش نه ڪئي نه ته ائين نه چوي ها ته:

ٻن ٻيائي سپرين، پاڻان اُٿي پَل

(عشق جا اصول، ص: 10)

خيام، پنهنجي هيٺينءَ رباعيءَ ۾ خدا تعاليٰ جي عنايتن کي گلن جي خوشبو سان ڀيٽي ان سڳنڌ سان ساري جهان کي واسڻ جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ ان کي هڪ راز سڏيو آهي، جنهن جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ کان به منع ڪيل آهي. مذهب ۾ ڪيئي خيال حڪم ۽ عقيدي جا پابند ٿين ٿا، جتي عقيدو هوندو اُتي ڪڇڻ جي ڪا گنجائش نه ٿي رهي ۽ دليل عقيدي جو مطيع بڻجي وڃي ٿو. عمر خيام جي هيءَ رباعي خود ان جو دليل آهي:

یا رب تو جمال آن مهه مهر انگیز
آراسته ای به سنبل عنبر بیز
بس حکم همی کنی که در وی منگر
این حکم چنان بود که ’کج دارو مریز‘

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباعي ١٨٠، ص:١٤٤)

(اي رب! تون اهڙو محبوب آهين، جنهن جي وجود سان محبتن ۾ ۽ پيار ۾ اضافو ئي ٿيندو رهندو آهي ۽ تون ان لطف و ڪرم کي گلن ۾ ملائي دنيا ۾ سجائي ڇڏيو آهي ۽ سڄي ڪائنات کي عطر بيز ڪري ڇڏيو آهي. مٿان وري حڪم ڏنو آهي ته ان معاملي جي گهرائيءَ ۾ نه ڏسجانءِ. اهو حڪم ته ائين ئي ٿيو ته پئمانو اونڌو ڪريان پر ان پيالي مان ڪجهه به نه ڪري.)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهہ لطيف بہ عقيدي ۽ دليل جي ان جنگ کي پنهنجي هڪ بيت ۾ پيش ڪيو آهي:

مُون ڪي مُون پرِيَن بَڌِي وِڏو تارِ ۾،
اُيا ايئن چَوَن، مَچُڻ پاندُ پُسائِيين.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهہ جو رسالو'، سُر آسا، داستان ۴، بيت ۳۸، ۲۰۰۵ع، ص: ۴۲۸)

شاهہ لطيف جي ان بيت کي صوفياڻي رمز ۾ سمجهندا سين تہ هو چوي ٿو تہ رب سائينءَ مونکي بديءَ جي هن درياهہ (دنيا) ۾ اڇلي حڪم ڪيو تہ گناهن جي گند کان پاند آجو رکجانءِ. پتائيءَ جو اهو بيت، خيام جي انهيءَ خيال سان هڪجهڙائي رکندڙ آهي تہ 'خدا پنهنجي لطف و ڪرم کي گلن ۾ ملائي دنيا ۾ سجائي ڇڏيو آهي ۽ سڄيءَ ڪائنات کي عطر بيز ڪري ڇڏيو آهي. مٿان وري حڪم ڏنو آهي تہ ان معاملي جي گهرائيءَ ۾ نہ ڏسجانءِ.' جيئن پئماني کي اونڌو ڪرڻ سان شراب جو نہ ڪرڻ ممڪن نہ آهي، بلڪل تيئن ئي درياهہ ۾ ڪرڻ سان پاند آلو ڪرڻ بنا نڪرڻ ناممڪن آهي.

خيام هڪ ذي شعور شاعر هو، هن جي سماج تي گهري نظر هئي، ڪيس خبر هئي تہ 'انسان خطا جو گهر آهي'، جيڪو ماڻهو جاڻو آهي سو ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪا غلطي ۽ گناهہ ضرور ڪندو. هو ان خيال جو هو تہ عظيم انسان اهو آهي جيڪو ٻئي جي خطا کي درگذر ڪري ٿو:

نا ڪرده گناه در جهان ڪيست بگو
آنڪس ڪه گناه نڪرد چون زيست بگو
من بد ڪنم و تو بد مڪافات دهي
پس فرق ميان من و تو چيست بگو

(ابڙو، عطا الله، 'رباعيات عمر خيام'، رُباعي ۲۴۹، ۲۰۱۲ع، ص:۱۶۹)

(ٻڌاءِ تہ هن جڳ ۾ اهڙو ڪهڙو شخص آهي جنهن ڪڏهن ڪو گناهہ نہ ڪيو هجي ۽ اهو بہ ٻڌاءِ تہ جنهن شخص ڪڏهن ڪو گناهہ نہ ڪيو آهي سو زنده ڪيئن رهيو آهي. مون هڪ بڇڙو ڪم ڪيو ۽ تو ان جو برو بدلو ڏنو ۽ انتقام ورتو. پوءِ ٻڌاءِ تہ تو ۾ ۽ مون ۾ ڪهڙو فرق رهيو؟)

شاهہ لطيف وٽ بہ ساڳيو ئي تصور ملي ٿو. جيڪو در اصل مٿي ڏنل بيت





'مونکي مون پرين، ٻڌي وڏو تار ۾' مان بہ جهلڪي ٿو. شاهہ لطيف ٻڌائي ٿو تہ اهو ممڪن ئي ناهي تہ دنيا جي هن درياهہ مان ماڻهو پاند پسائڻ بنان گذري سگهي، تنهن ڪري خطا ۽ گناهہ بنان زندگيءَ جو تصور ڏاڍو ڏنڌلو آهي. شاهہ لطيف جو ڄاڻايل بيت خيام جي رباعي جي پهرين مصرع جو تسلسل آهي. هن ٻي مصرع ۾ جيڪو خيال پيش ڪيو آهي اصل ۾ اهو ئي انسان کي انسانيت جي اعليٰ رتبي تي فائز ڪري ٿو. يعني 'خطا تي بہ عطا' يا 'در گذر ڪرڻ' ۽ برائيءَ جو بدلو بہ ڀلائيءَ سان ڏيڻ. اهو نهايت اعليٰ انساني گڻ آهي، جنهن کي لطيف بہ پنهنجي ڪلام ۾ ورجايو آهي:

ڇڱا ڪَنِ ڇڱائِيُون، مَٺائِيون مَٺَن،
جو وَڙُ جُڙي جَنِ سين، سو وَڙُ سِي ئي ڪَنُ.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهہ جو رسالو'، سُر سريراڳ، داستان ۴، بيت ۴، ۲۰۰۵ع، ص: ۱۶۴)

هُو ڇُوٽئي، تون مَ ڇُٽُو، واتان وَرائي،
اَڳ اَڳرائِي جو ڪري، خطا سو کائي
پانَدَ ۾ پائي، وِيو ڪِيني وارو ڪِينَ ڪِين.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهہ جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۸، بيت ۱۷، ۲۰۰۵ع، ص: ۱۲۶)

لبنان جي عظيم فلسفي خليل جبران چيو هو تہ :"جڏهن ڪو انسان ڪنهن ٻئي انسان تي آڱر سڌي ڪري ٿو، تڏهن ٽي آڱريون ڏانهنس بہ هونديون آهن." يعني ٻئي جي عيبن کي قطارڻ کان اڳ ماڻهوءَ کي پنهنجي گريبان ۾ بہ جهاتي وجهڻ گهرجي. خيام جي هيٺين رباعيءَ ۾ بہ ڪجهہ اهڙو ئي خيال آهي:

شيخي بزن فاحشه گفتاء مستي
از خير گستي و به شر پيوستي
زن گفت چنانکه مي نمايم هستم
تو نيز چنانکه مي نمائي هستي؟

(ابڙو، عطا الله، 'رباعيات عمر خيام'، رُباعي، ۲۰۱۲، ۲۶۳ع ص:۱۸۶)

(ڪنهن بزرگ ڪنهن رنديءَ کان پڇيو تہ تون مست آهين تہ نيڪيءَ کان پري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿي وئي، آهين ۽ شر سان وابستہ ٿي وئي آهين. عورت جواب ڏنس تہ مان جهڙيءَ نظر اچان ٿي تهڙي ئي آهيان. ڇا تون جهڙو نظر اچين ٿو اصل ۾ بہ تون اهڙو ئي آهين؟)

هن رُباعيءَ ۾، انسان جي ظاهر ۽ باطن ڏانهن اشارو آهي، ڪي ماڻهو ظاهري طور هڪ روپ ۾ نظر ايندا آهن تہ حقيقت ۾ سندن هستي ڪجهہ ٻي هوندي آهي، پر ڪي اندر ٻاهر هڪ جهڙا هوندا آهن، يعني انهن جو باطن سندن ظاهر ڪان جدا نہ هوندو آهي. شاهہ لطيف بہ اهڙن ئي ماڻهن ڪي پسند ڪري ٿو جيڪي پنهنجي ظاهر ۽ باطن ۾ ساڳيا آهن. هو سماج جي اهڙن انسانن ڪي ڏڪار جي نظر سان ڏسي ٿو جيڪي چالاڪ ۽ ٻهروپي آهن، جيڪي پنهنجي ڪفر سان بہ ڪوڙا آهن، جيڪي منهن ۾ موسيٰ جهڙا ۽ اندر ۾ ابليس جهڙا آهن. ذات جو اهو تضاد جنهن ڏانهن خيام اشارو ڪيو آهي سو لطيف ڪي پڻ ڪنهن بہ صورت ۾ پسند نہ آهي:

ڪُوڙو تُون ڪُفَرَ سين، ڪافِرُ مَ ڪوناءِ،
هِندُو هَڏِ نہ آهِيين، جَٽيو تون مَ جُڳاءِ،
تِلڪُ تَنِين ڪي لاءِ، سَچا جي شِرڪَ سين.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهہ جو رسالو'، سُر آسا، داستان ۴، بيت ۱۵، ۲۰۰۵ع، ص: ۷۲۳)

مُنهن تہ موسيٰ جهَڙو، عادَتَ ۾ اِبلِيس،
اِهڙو خامُ خَبِيثُ، ڪَڍِي ڪوهُ نہ ڇڏِيين؟

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهہ جو رسالو'، سُر آسا، داستان ۴، بيت ۱۶، ۲۰۰۵ع، ص: ۷۲۳)

عمر خيام اعليٰ انساني قدرن جو شاعر آهي. هو ماڻهوءَ کي حرص، هوس ۽ لالچ جي ڏيڻ ڪان پري رهڻ جي تلقين ٿو ڪري ۽ جڳ ڪان سارا ناتا ٽوڙي الڳ ٿيڻ جو ڏس ٿو ڏئي:

کم کن طمع از جهان کہ میری خورسند
از نیک و بد زمانہ بگسل پیوند
خوش باش و می چنانکہ این دور فلک
هم بگسلد و نماند این روزی چند

(ابڙو، عطا الله، 'رباعيات عمر خيام'، رُباعي ۱۴۶، ۲۰۱۳ع، ص:۱۲۷)





(هن جهان ۾ لالچ گهٽاءِ تہ جيئن تون هن دنيا مان سَرهو ٿي موٽين. زماني جي ڀلاين ۽ بڇڙاين ڪان ناتو ٽوڙي ڇڏ. ڪجهہ گهڙين لاءِ تون خوش ٿي رهہ ڇوتہ جڏهن هي آسمان جي گردش سڀ ڪجهہ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندي تہ پوءِ هي ڪجهہ گهڙين واري زندگي بہ نہ رهندي.)

شاهہ لطيف پنهنجي رسالي جي 'سَر معذوري' ۾ فرمائي ٿو تہ:

سَڀُ نَنگِيُون ٿِي نِڪَرو، لالَچ ڇَڏي لوڀَ،
سُپِيرِيان سين سوڀَ، نِندُون ڪَندي نہ ٿِئي.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهہ جو رسالو'، سُر معذوري، داستان ۲، بيت ۳، ۲۰۰۵ع، ص: ۳۴۹)

شاهہ لطيف جو اهو نڪتو خيام جي ان خيال وانگر آهي تہ جڏهن هر لالچ ۽ لوڀ ڪان آجو ٿي نڪربو تہ ماڻهوءَ کي سوڀ ملندي ۽ سرهو ٿي موٽندو.

ڀٽائي 'سُر رامڪلي' ۾ جوڳين ۽ سنياسين کي اعليٰ عادتون اختيار ڪرڻ جو ڏس ڏنو آهي ۽ چيو آهي تہ:

جي ڀانئين جوڳِي ٿِيان، تہ طَمَعَ ڇَڏِ تَمامُ،
گولا جي گولن جا، تَنِ جو ٿِيءُ غُلامُ،
صَبَر جي شَمِشيرَ سين، ڪَرِ ڪِيني کي قَتلامُ،
تَہ نانگا تنهنجو نامُ، لِکِجي لاهُوتِين ۾.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهہ جو رسالو'، سُر رامڪلي، داستان ۴، بيت ۴، ۲۰۰۵ع، ص: ۷۹۴)

جڏهن اها ساري طمع ۽ لالچ ختم ٿي وڃي ٿي تہ لطيف فرمائي ٿو:

جي ڀانئِين جوڳِي ٿِيان، تہ سَڱَ سِڀيئِي ٽوڙِ،
جي ڇاوا نہ ڇاپَندا، جِيُ تَنِين سين جوڙِ،
تہ تُون پُهچِين توڙِ، مَحَبّتَ جي مَيدانَ ۾.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهہ جو رسالو'، سُر رامڪلي، داستان ۴، بيت ۲، ۲۰۰۵ع، ص: ۷۹۳)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لطيف سائين، جوڳيءَ کي دنيا جي لالچ کان پري رهندي هن کي جهان کان سڳ ٽوڙڻ جو ڏس ڏيئي جڻ خيام جي فڪر جي آبياري ڪئي آهي. نه رڳو ايترو پر شاهه ’جي چاوا نه چاپندا‘ جا لفظ استعمال ڪري خالق ڪائنات سان ناتو جوڙڻ جي نصيحت به ڪئي آهي. فرق رڳو ايترو آهي ته خيام چيو ته حيات بي ثبات آهي ان کي ڪو دوام نه آهي ۽ لطيف ان کان هڪ قدم اڳتي وڌندي فرمايو ته سيئي سڳ ٽوڙڻ ۽ خدا سان رشتو جوڙڻ سان توکي عشق جي حقيقي منزل ملي ويندي.

## عمر خيام جي ڪلام ۾ مَنڌُ:

عمر خيام جي ڪلام جو وڏو حصو، شراب ۽ منڌ جي ذڪر سان ڀريل آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾، دارو ۽ پيماني جو ذڪر ڇو آندو آهي ۽ ان مان ڪهڙي فڪر جي آبياري ٿئي ٿي؟ انهن سوالن جو جواب خود خيام جي رباعين ۾ موجود آهي. هو شراب واپرائڻ جو سبب ٻڌائيندي هڪ رباعيءَ ۾ چوي ٿو ته:

مي خوردن من نه از برائ طرب است
نی بهر نشاط و ترک دین و ادب است
خواهم که دمی ز خویشتن باز رهم
مي خوردن و مست بودنم زاں سبب است

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباعي ٣٥، ٢٠١٢ع، ص:٢٧)

(منهنجي شراب واپرائڻ جو مقصد رڳو مزو ماڻڻ ناهي، نه ئي اهو سرهائي حاصل ڪرڻ لاءِ آهي. نه ئي ان جو مقصد دين ۽ ادب کي ترڪ ڪرڻ آهي. اصل ۾ مان چاهيان ٿو ته ڪجهه لمحن لاءِ پنهنجو پاڻ کان پري ٿي وڃان. شراب پيئڻ ۽ مست رهڻ جو بس اهو ئي ڪارڻ آهي.)

شراب پي، پنهنجو پاڻ کان پري ٿيڻ وارو فلسفو سمجهڻ سان تعلق رکي ٿو. جڏهن ماڻهو هوش ۾ آهي ته هو پنهنجي هستي کي ’ڪجهه سمجهي ٿو‘ ۽ اتان ئي هن ۾ ’خودي‘ يا ’پاڻ پٽي‘ جي بيماري پيدا ٿئي ٿي. جڏهن ته ڪيف، سرور ۽ مستيءَ ۾ ماڻهو پنهنجي هستي وڃائي ويهي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کان پري خمار جي وادين ۾ گم رهي ٿو ۽ پوءِ هن کي پنهنجي پچار نه ٿي رهي. لطيف سائين به چيو هو ته ’آءٌ‘ اوريان جهل تون، ڇڏيم ’پاڻ‘ پچار.





منڌ واپرائڻ، مذهب ۾ منع آهي. ان ڪري واعظ، زاهد ۽ ناصح جو مئخوارن کي هميشه اهو مشورو هوندو آهي ته ان کان پري رهڻ ئي بهتر آهي، پر مئي نوشن وٽ به پنهنجا دليل هوندا آهن. خيام جو دليل ڏسو:

من مي خورم و مخالفان از چپ و راست
گونيد مخور باده که دين را اعد است
چو دانستم که مي عدوئ دين است
والله بخورم خون عد و را که روا است

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباغي ١٤، ٢٠١٢ع، ص:٦٢)

(مان شراب پيئان ٿو ۽ منهنجي سڄي، کٻي موجود مخالف چون ٿا ته شراب نه پيءُ ڇو ته اهو دين جو دشمن آهي. جڏهن مونکي پتو پيو ته ’شراب دين جو دشمن آهي‘ ته خدا جو قسم مون اهو پيئڻ ضروري ڄاتو، ڇو ته دشمن جو خون پيئڻ جائز آهي.)

عمر خيام، عقل کي خمار جو مطيع سمجهي ٿو ۽ مخمور ٿيڻ بعد عقل کي پنهنجو شاگرد ڀانئي ٿو. فرمائي ٿو:

عمريست که مداحی مي درد منست
و اسباب مي است آنچه در گرد منست
زاهد اگر استاد تو عقل است اينجا
خوش باش که استاد تو شاگرد منست

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباغي ٨٢، ٢٠١٢ع، ص:٩٥)

(هڪ عمر گذري وئي آهي جو شراب جي تعريف ڪي مون پنهنجي لاءِ وظيفو ٺاهي ڇڏيو آهي ۽ شراب پيئڻ جا سبب ڪهڙا به هجن منهنجي چوڌاري (مسلط) آهن. اي زاهد جيڪڏهن عقل تنهنجو استاد آهي ته هاڻي خوش ٿيءُ، جو تنهنجو استاد منهنجو شاگرد آهي.)

هڪ مڌ جو جام، دنيا ۾ ميسر آهي ته ٻيو جنت ۾. جنت جي مڌ کي شرابِ طهورا چيو ويو آهي. يعني پاڪ شراب. جنت جي انهيءَ مڌ ڪتوري جا طالب ته گهڻا ئي آهن پر اهو اڃا ڪنهن پيتو ناهي. يعني ان مئي جو واعدو ضرور آهي پر اڄ تائين اهو ڪنهن چکيو به ناهي. انهيءَ ڪري خيام چيو ته:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

گوئید شراب و حوض کوثر باشد
و انجا می ناب و شهد و شکر باشد
پر کن قدح باده و بر دستم نهه
نقدی ز هزار نسیه بهتر باشد

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباعي، ۲۰۱۲،۱۰۸ع ص:۱۰۸)

(چون ٿا ته (جنت ۾) مڌ ۽ حوض ڪوثر هوندا. اتي خالص شراب، ماکي ۽ مناڻ هوندا. ته شراب جو جام ڀر ۽ منهنجي هٿ ۾ ڏي، چوته جيڪا شيءِ (روڪڙي) ملي وڃي اها اوڌر ڪان هزار ڀيرا بهتر آهي.)

خيام وٽ شراب جي قيمت جي ڪٿ ڪرڻي هجي ته سندس هيٺين رباعي پڙهجي:

یک جام هزار مرد بادین ارزد
یک جرعه می مملکت چین ارزد
در روئی زمین چیست زیاده خوشتر
تلخی که هزار جان شیرین ارزد

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباغي ۹۹، ۲۰۱۲ع، ص:۱۰۴)

(مڌ جو هڪ جام اهڙن هزار ماڻهن ڪان به وڌيڪ قيمتي آهي، جيڪي ماڻهو دين ۽ ايمان ۾ ڏاڍا پختا آهن. شراب جو هڪ ڍُڪ چين جي سموري سلطنت ڪان به مهانگو آهي. هن روءِ زمين تي ڪهڙي شيءِ سڀ ڪان وڌيڪ سني آهي. اها شراب جي تلخي ئي آهي، جيڪا دنيا جهان جي هزارين سنين شين ڪان وڌيڪ مٺي آهي.)

عام طور سماج ۾ مڌ کي خراب شيءِ ۽ مئي خوار کي ڌڪار لائق شخص سمجهيو ويندو آهي، پر جيڪو مڌ جي حقيقت ڪان واقف هوندو ان جي راءِ ڪجهه ٻي هوندي. خيام انگور جي رس کي خراب نه ٿو سمجهي ۽ چوي ٿو:

گیر باده بکوه زنی رقص کند
ناقص بود آنکه باده را نقص کند
از باده مرا توبه چرا فرمائی
روحیست که او تربیت شخص کند

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباغي ۹۶، ۲۰۱۲ع، ص:۱۰۲)





(جيڪڏهن تون مڌ کي جبل تي هاريندين ته اهو رقص ڪرڻ لڳندو. جيڪو ماڻهو شراب کي خراب ٿو چوي اهو پاڻ خراب آهي. تون مونکي چو ٿو چوين ته مڌ کان توبهن ڪري ڇڏ. اهو ته هڪ اهڙو روح آهي جيڪو انسان جي تربيت ڪري ٿو.)

خيام جو مڌ کي اهڙو روح سڏڻ جيڪو انسان جي تربيت ڪندو هجي، يقيناً هڪ عجب جهڙي ڳالهه آهي. جتي دنيا شراب کي حرام چوندي هجي اتي خيام ان کي حلال سڏي ٿو ۽ ان کي پنهنجي پختگيءَ جو دليل ڄاڻي ٿو. هو مئي جي حقيقت بيان ڪندي چوي ٿو:

از من بر خیام رسانید سلام
وانگاه بگوئید که خامی خیام
من کی گفتم که می حرام است ولے
بر پُخته حلال است و بر خام حرام

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباغي ۱۹۶، ۲۰۱۲ع، ص:۱۵۲)

(منهنجي طرفان خيام جي خدمت ۾ سلام پهچايو. هيئنر ماڻهو چون ٿا ته خيام اڃا پختو ناهي ۽ ڪچو آهي. مون ڪٿي چيو ته مڌ حرام آهي. اها پختن ماڻهن تي حلال آهي ۽ ڪچن ماڻهن تي حرام.)

## شاهه لطيف جي ڪلام ۾ مڌ:

شاهه لطيف جي ڪلام ۾، خاص طور سندس ابتدائي ٻن سُرن ’سُر ڪلياڻ‘ ۽ ’سُر يمن ڪلياڻ‘ ۾ مَڌُ جو گهڻو ذڪر مليو ٿو. شاهه لطيف وٽ مڌ جو وڏو مُلهه آهي. هو شراب کي ڪڙو ۽ قاتل ڪوٺي ٿو، هن وٽ سَري جي سرور جو اصل مقصد قرباني آهي. جيڪو ان قربانيءَ لاءِ تيار ناهي، جيڪو ڪڪوهه کي توهه سمجهي ٿاري ٿو، شاهه ان کي پياڪ ئي نه ٿو سمجهي. لطيف سائين، اصل پياڪَ انهن کي سمجهي ٿو، جيڪي زهر جهڙو ڪڙو شراب پيئڻ تي به خوش ٿيندا آهن. هو ان هاجيڪار شراب جا هيراڪ هوندا آهن، توڙي جو هو درد ۽ فراق ۾ فنا ٿي ويندا آهن، ته به ڪنهن سان آهه نه سليندا آهن. لطيف سائينءَ وٽ مَڌ جي بدلي سر جو سودو به سستو آهي:

جي اَتيئِي سَڌَ سُرڪَ جِي، ته وَنءَ ڪلاڙَنِ ڪاتِي،
لاهي رَڪُ، لَطِيفُ چي، مَٿو وَٽِ ماتِي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تِڪَ ڏيئي پِڪَ پِيءُ تون، گهوٽَ! مَنجهان گهاٽي،
جو وَرَنهَ وِهاٽي، سو سِرَ وَٽِ سَرو ساهَنگو.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۲، بيت ۱۸، ۲۰۰۵ع، ص: ۷۴)

جي اَٽِئي سَڌَ سُرڪَ جِي، تہ وَنءَ ڪلاڙڪي هَٽِ،
لاهي رَڪَ، لطيفُ چي، مَٿو ماٽيءَ وَٽِ،
سِرُ ڏيئي ۾ سَٽِ، پِيج ڪي پِيالِيُونُ.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۲، بيت ۱۹، ۲۰۰۵ع، ص: ۷۴)

شاهه لطيف شراب ڪي هڪ اهڙي وٿ ڄاڻي ٿو، جنهن ڪي پئسي سان خريد نہ ٿو ڪري سگهجي، ان ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي قرباني ڏيڻي پوي ٿي:

ناٽي ناهِ ڪَڪُوهِ، ڪِين مُلهِ، مَهنگو مَنڌُ؟
سَنباهِجِ، سَيّدُ چي، ڪاٽَڻَ ڪارَڻ ڪَنڌُ،
هِيءُ تَنِين جو هَنڌُ، مَٿِن پاسِ مَرَنِ جي.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۲، بيت ۲۲، ۲۰۰۵ع، ص: ۷۵)

شاهه جي سُر ڪلياڻ ۾ انهيءَ سلسلي جا ٻيا بہ ڪي بيت موجود آهن. مثلاً:

مَ ڪَرِ سَڌَ سَري جي، جي تون ٽارِئين ٽُوهُ،
پِيتي جنهن پاسي ٽِئي، منجهان رَڳُن رُوحُ،
ڪاٽي چَڪُ ڪڪُوهُ، لاهي سِرُ، لَطِيفُ چئي.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر ڪلياڻ، داستان ۲، بيت ۲۴، ۲۰۰۵ع، ص: ۷٦)

سَڌَڙِيا سَري جون، ڪُهُ پَچارُون ڪنِّ؟
جُهِ ڪاتَ ڪَلاڙَنِ ڪِيا، تہ موٽِيو پوءِ وَڃَنِّ،
پِڪون سي پِيئَنِ، سِرَ جن جا سَٽِ ۾.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُريمن ڪلياڻ، داستان ۲، بيت ۲۵، ۲۰۰۵ع، ص: ۷٦)





شاهه لطيف جي رسالي جي اڪثر پراڻن ڇاپن ۾ رسالي جي مرتبن ۽ مولفن مٿيان بيت 'سُر ڪلياڻ' ۾ ڏنا آهن، جڏهن تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ اهي بيت 'سُر يمن ڪلياڻ' ۾ موجود ملن ٿا ۽ ڊاڪٽر بلوچ انهن مان ڪن ڪي خارج بہ ڪيو آهي. اصل حقيقت اها آهي تہ 'سُر يمن ڪلياڻ' ۾ شاهه سائينءَ، موڪي ۽ متارن جي داستان جي روشنيءَ ۾ اهڙا ڪيئي بيت ڏنا آهن جيڪي ان داستان جي خاص خاص نڪتن ڪي واضح ڪن ٿا. اصل ۾ اها ڪهاڻي ئي ساقي ۽ مئخوارن جي آهي، جنهن ۾ رڳو ذڪر ئي آهي منڌُ جو. تنهن ڪري مٿيان بيت جيڪي اڳ وارن مرتبن شاهه جي پهرين 'سُر ڪلياڻ' ۾ شامل ڪيا آهن، تن ڪي سندس ٻئي 'سُر يمن ڪلياڻ' ۾ شامل ڪرڻ جو منطق سمجهه ۾ اچي ٿو.

موڪي ۽ متارن واري قصي ۾، سَري جي سُرور جون ڳالهيون، ڪڙي ۽ قاتل، پياسن ۽ پياڪن جا گفتا گهڻا آهن. موڪي گڏاپ ويجهو ڪونڪر واري پيٽي، جي پَرِ ۾ هڪ مئخانو جوڙيو هو، جنهن جي 'موڪي تڙ' طور هنڌين ماڳين هاڪ هئي:

وِجهِج واٽاڙُئِنِ تي، ميخاني جي ماڪَ،
ٽيندي سُڌِ سَبَ ڪَنهِين، هنڌِ هنڌِ پُوندي هاڪَ،
پِرهَ جا پِياڪَ، جُهُ سي اڳڙِ آئِيا.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۴، بيت ۱۱، ۲۰۰۵ع، ص: ۱۰۲)

ان مئخاني تي پرهہ جي پياڪن جا ڦيرا هوندا هئا. موڪيءَ جا خاص مهمان اهي متارا هئا، جيڪي مالدار ساموندي سوداگر هئا. اهي اَٽ ڇِٽا هئا، جيڪي هر ڇهين مهيني، موڪيءَ جا منڌ ڀريل مَٽ، خالي ڪرڻ ايندا هئا. موڪيءَ جي منڌ، ڪين اهڙو تہ مستان ڪري ڇڏيو هو، جو هو هوش وڃائي ڇڪا هئا:

آڻي اُتَرَ واءَ، موڪِيءَ مَٽَ اُپَٽِيا،
مَتارا تنهن ساءَ، اَچَنِ سِرَ سَنباهِيو.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۴، بيت ۱۰، ۲۰۰۵ع، ص: ۱۰۲)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جُہ سي اڳڻ آئيا، تہ سَرو ڪَندا سُجَ،
سائي ٽِيندين اُجَ، هِي پِيتو، هُو آڻ ڪِي.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۴، بيت ۱۳، ۲۰۰۵ع، ص: ۱۰۲)

هڪ ڀيري جڏهن اهي پياسا پياڪ پرانهون پنڌ ڪري 'موکي ٽڙ' تي پهتا تہ ميخاني ۾ سنڌيل شراب ختم ٿي چڪو هو. موکيءَ هڪ پُراڻي مٽ ۾ ڏٺو، جنهن ۾ ٿورو منڌُ تہ موجود هو. پر ان ۾ موکيءَ هڪ پُراڻي مٽ مان متارن کي منڌ ڏنو، متارا اهو منڌ پي ڏاڍي سرور ۾ اچي ويا. ايئن پيئندي سڄو مٽ خالي ڪيائون ۽ پنهنجي سفر تي اُسهيا موکيءَ جڏهن متارن جي وڃڻ کان پوءِ صبح جو خالي مَٽ ڏٺو تہ اُن جي تري ۾ هڪ نانگ مُئو پيو هو:

هوندو هَڏِ مَر رَڪُ، لاءِ پياڪَنِ پانهنجو،
وَٽِي واتاڙُئَنِ ڪي، تان پياري پَرَڪُ،
سا لِڪَ لهي تي لَڪُ، جا تو ايندي اُنِ سين.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۴، بيت ۸، ۲۰۰۵ع، ص: ۱۰۲)

متارن اهو زهريلو شراب پيتو تہ ڪين اهڙو سرور اچي ويو جو " هي پِيتو، هُو آڻ ڪِي" واري ڪيفيت طاري ٿي وين. اتان پُرباش ٿي اُٿيا تہ سڄو سال وري ميخاني ڏانهن نہ موٽيا. ٻارهن مهينن بعد جڏهن واپس وريا تہ موکيءَ شرابَ جون وٽيون پري پري پيارين پر ڪين اهڙو ڪيف ۽ قرار نہ آيو جهڙو پَرُ آيو هُين. متارن موکيءَ کي فرمائش ڪئي تہ اسان کي پروڪو پيار. هوءَ ڪين ڪيئن ٻڌائي ها تہ پَرُ تہ هن ڪين نجو زهر پياريو هو. متارا ڪانئس بار بار انهيءَ پروڪي شراب جي گُهر ڪندا رهيا پر موکي ٽٽائيندي رهي. نيٺ مجبور ٿي هُن ڪين اصل حقيقت ٻڌائي. متارن کي جڏهن پتو پيو تہ هنن پَرُ تہ قاتل زهر پيتو هو تہ اهي سڀ جا سڀ اُتي ئي مري ويا.

سَري ڪِينَ ڪِيونِ، وِڃَ موکيءَ جي مارِيا،
ڪو جو سُخنُ ڪَلاڙَ جو، پِتي تي پِيونِ،





تِنهان پوءِ ٿِيونِ، مَرَڻُ مَتارنِ کي!

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۴، بيت ۱۶، ۲۰۰۵ع، ص: ۱۰۳)

ان قصي ۾ ڪا حقيقت آهي يا اها مورڳو ڏند ڪٿا آهي. ان تي تحقيق ٿيڻي ٿيندي. اڄ تائين محقق اهو طئي ڪرڻ ۾ بہ پوري طرح ڪامياب نہ ويا آهن تہ موکي ڪير هئي ۽ متارا ڪير.... سندن قبرن جي تصديق جي سلسلي ۾ بہ اڃا مونجهارا آهن. پر مان سمجهان ٿو تہ هن داستان ۾ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي حوالي سان جنهن نڪتي جي تمام گهڻي اهميت آهي، سو آهي شاهہ لطيف جو آرٽ. جنهن وسيلي هُنَ، ان داستان جي مختلف پهلوئن مان ڪي ڪم جا نڪتا ڪڍيا آهن.

وَٽَ وَٽَ وِٽِيءَ ۾، مَٽَ مَٽَ مَنڌُ ٻيو،
قَدرُ ڪَيفَ ڪلاڙَ جو، پياڪَنِ پيو،
اَڃن دُرسُ دُڪانَ تي، ڪَنڌَ قَبولُ ڪِيو،
سُرَها سِرُ ڏِيو، چکَنِ سُرڪَ سَيّدُ چي.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۴، بيت ۲۱، ۲۰۰۵ع، ص: ۱۰۴)

شاهہ لطيف وٽ منڌُ ۽ ڪکوهہ قربانيءَ جي استعاري طور استعمال ٿيل آهن. اهي پياسا پياڪ جيسيتائين سُرڪ چکي سِر ڏئي سُرها نہ ٿا ٿين تيسيتائين منڌ جا اصل متوالا نہ ٿا سڏائي سگهن:

ڪَنڌِ ڪَتارو، مُنهَن وِٽِي، عادَتَ جَنِين اِيءَ،
تَنِين تِڪُون ڏِنيُون، جُنبي مَنجهان جِيءَ،
سَرو تَنِ سَبِيءَ، جَنِ حاصُلُ ڪِيو حالَ کي.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۴، بيت ۱۸، ۲۰۰۵ع، ص: ۱۰۳)

مطلب تہ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ شراب جو ذڪر وري وري اچي ٿو. ان جا نالا الڳ الڳ آهن پر شراب کي چاهي کهڙو بہ نالو ڏجي يا ان کي کهڙي بہ ٿانءَ ۾

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وجهجي، ان جي سرور ۽ خمار ۾ ڪو فرق نہ ٿو اچي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ ڇا شاهہ لطيف ۽ خيام جي منڌ ۾ بہ ڪا هڪ جهڙائي آهي يا ايران جي نيشاپور ۽ سنڌ جي گڏاپ جي سَري ۾ ڪو فرق آهي. خيام جي ڪلام جي روشني ۾ مڌ ۽ ان ڪان نرالا خيال.

## خيام، مَنڌُ ۽ شاهہ لطيف:

جيئن مٿي ڇئي چاڻايل آهي تہ عمر خيام جي ڪلام ۾ شراب ۽ خمار جو ذڪر گهڻو آهي، جنهن ڪري ڪيس خمريات جو شاعر سڏيو وڃي ٿو. پر شاهہ جي سڄاڻپ خمريات جي حوالي سان نہ آهي، تنهن هوندي بہ 'سُر يمن ڪلياڻ' جي رڳو هڪ داستان ۾ مئخوارن، ڪلال ۽ ڪڪوهہ جو جنهن طرح ذڪر ڪيو آهي، ان جي اهميت ڪان بہ انڪار ممڪن نہ آهي. ان ڪري اسين جڏهن عمر خيام ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ منڌ جي ذڪر ڪي پيٽيون ٿا تہ ڪيترين ئي جاين تي ٻنهي شاعرن جي خيالن جي هم آهنگيءَ جو احساس ٿئي ٿو.

عام طور تي اهو سمجهيو ويندو آهي تہ شراب، ماڻهوءَ کي مخمور ڪري غافل بڻائي ٿو، پر ڪي شرابي اهڙا بہ هوندا آهن جيڪي شراب نوشيءَ بعد بہ هوش ۾ هوندا آهن. هو ضبط جو دامن هٿان نہ ڇڏيندا آهن ۽ ڪانئن عقل نہ موڪلائيندو آهي. عمر خيام پنهنجي هڪ رباعيءَ ۾ اهڙي ئي ڳالهہ چوي ٿو:

چون باده خوری ز عقل بیگانه مشو
مدهوش مباش جهل را خانه مشو
خواهی که می لعل حلالت باشد
آزار کسی مجو و دیوانه مشو

(ابڙو، عطا الله، 'رباعيات عمر خيام'، رُباعي ٢۴٨، ٢٠١٢ع ص:١٧٨)

(جڏهن تون مڌ پيئين تہ عقل ڪان بيگانو نہ ٿجانءِ (هوشمند رهجانءِ) مدهوش نہ ٿجانءِ. بيوقوفي ۽ جهالت کي گهر ۾ اچڻ نہ ڏجانءِ. جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ تنهنجو ڳاڙهو شراب تو تي حلال ٿي وڃي تہ ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪجانءِ.)

سنڌ جو شاهہ لطيف بہ انهيءَ طرح پنهنجي هڪ وائيءَ ۾ فرمائي ٿو:





مَنڌُ پيئندي مون، ساڄَنُ سَهِي سُڃاتو.
پِي پِيالو عشقَ جو، سَيُڪي سمجِهوسُون،
ساڄن سهي سڃاتو.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهہ جو رسالو'، سُر ڪلياڻ، داستان ٢، وائي ١، ٢٠٠۵ع، ص: ٧٧)

منڌُ پيئندي ساڄن ڪيئن ٿو سڃاڻي سگهجي؟ ان مخموريءَ جي ڪيفيت ۾ اها هوشمندي ڪٿي تي اچي؟ ان ڳالهہ کي لطيف سائينءَ واضح ڪيو آهي تہ اهو شراب ڪو عام شراب نہ آهي..... اهو عشق جو شراب آهي، جنهن جو پيالو پيئندي ماڻهوءَ مٿان عقل ۽ خرد جا دروازا کُلي ويندا آهن ۽ ساڄن سڃاڻڻ سولو ٿي پوندو آهي.... ۽ جنهن دل ۾ ساڄن وسندو آهي سا دل ڪنهن جي بہ دل آزاري نہ ڪندي آهي.

عمر خيام پنهنجي هڪ ٻي رباعيءَ ۾ چيو آهي:

آمد سحری ندا ز میخانهء ما
کای رند خراباتی دیوانهء ما
برخیز که پُر کنیم پیمانه ز می
زان پیش که پُر کنند پیمانهء ما

(ابڙو، عطا الله، 'رباعيات عمر خيام'، رُباعي ١١، ٢٠١٢ع، ص:۵٩)

(اسان جي مئخاني مان صبح جي وقت آواز آيو. اي شراب خاني جا رندَ، اسان جا ديوانا اُٿي تہ جيئن شراب جو پئمانو ڀريون. ان ڪان اڳ جو اسان جو پئمانو (زندگيءَ جو) ڀري وڃي.)

ڪجھ اهڙو ئي اظهار شاهہ لطيف جي هيٺين بيت ۾ بہ نظر ايندو:

موڪِيءَ مَٽَ اُپِٽيا، سَويرا صُبوحِ،
اُچي جِي، عبداللطيف چي، باسُ نہ پهتئِي بُوءِ؟
ڪَڙو جي ڪَڪُوهِ، تہ بہ وَٽِ سِرَ گُهرَنِ وَڻيون.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهہ جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۴، بيت ٢۵، ٢٠٠۵ع، ص: ١٠۵)

موڪيءَ صبح جو سويري ئي شراب جي مَٽَن جا مُنهن کوليا، ان اُچي شراب جي بوءِ جڏهن پرهه جي پياڪن تائن پهتي تہ اهي موڪيءَ جي مئخاني وٽ اچي پهتا ۽ ڪَوڙي ۽ ڳاڙهي شرابَ جو وٽين مٿان وٽيون پيا گهرندا رهيا. خيام ۽ شاهہ لطيف جي اظهار ۾ فرق رڳو اهو آهي تہ خيام جو رند ننڊ ۾ ستل آهي، جنهن کي صبح جو مئخوار ٿا اٿارين..... پر شاهہ جي موڪي صبح جو سويري ئي اٿي پنهنجي ڪرت سان لڳي وڃي ٿي ۽ سندس منڌ جي بوءِ تي مئخوار مستان ٿي وٽس پهچن ٿا.

عمر خيام پنهنجي هڪ ٻي رباعي ۾ فرمائي ٿو:

یاران موافق همه از دست شدند
در پای اجل یگان یگان پست شدند
بودند بیک شراب در مجلس "عمر"
دَوری دو سه پیشتر مست شدند

(ابڙو، عطا الله، 'رباعيات عمر خيام'، رُباعي ١٥٠، ٢٠١٢ع، ص:١٢٩)

(سڀ هم خيال دوست وڇڙي ويا. هڪ هڪ ٿي موت جي پيرن ۾ اچي ختم ٿيندا ويا. 'عمر' جي محفل ۾ جيڪي هم پيالہ ۽ هم نوالہ هيا سي بہ يا ٽي دور هلڻ کان پهريان ئي موت جي مستي ۾ غرق ٿي ويا.)

هن رباعي ۾ خيام فاني زندگيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، ڪالهہ تائين جيڪي دوست سندس هم پيالہ ۽ هم نوالہ هئا اڄ اهي ساڻس گڏ نہ آهن. پر شاهہ لطيف جا مئخوار هن عارضي زندگيءَ کان خوفزده ناهن. هنن وٽ موت سان اکيون اکين ۾ ملائڻ جو حوصلو آهي:

جيڏاهن قاتِلَ ڪوڙَ، اَڪيُون اوڏاهين ڪَٽِي،
وِهُ تِنِين جِي ووڙَ، جَنِين سانگُ نہ ساهَ جو.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهہ جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٤، بيت ٤، ٢٠٠٥ع، ص: ١٠١)

محمد حسين ڪاشف مٿئين بيت جي تشريح هن طرح ڪئي آهي: "سرويچ ۽ سچو عاشق پنهنجو رُخ وري بہ ان طرف ٿو ڪري، جتي ان مئخاني ۾ زهردار مڌ / شراب





رکيل آهي. سندس اکيون اوڏانهين پيئون تڪين. هئڻ ۽ هستيءَ کي مارينڌڙ زهردار شراب، انهن عاشقن جي وجايل وٽ آهي، جنهن کي ووڙيندا ۽ ڳوليندا وتن، جن پنهنجي ساهہ جو سانگو لاهي ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي ظاهري وجود کي وڃائڻ جو پڪو پَهُ ڪيو آهي."(٨)

شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ شرابَ کي ڪڙو ۽ قاتل سڏيو آهي، اصل ۾ جنهن جو ڪم مارڻ آهي، پر متارا اها منڌ پي جيئن ٿا. عمر خيام بہ پنهنجي هڪ رباعيءَ ۾ شرابَ کي ترياق ڪري ڄاڻايو آهي:

امروز که نیست از شراب باکم
زهری بود ار دهد تریاکم
زهرست غم جهان و تریاکش می
تریاک خورم که زهر نبود باکم

(ابڙو، عطا الله، 'رباعيات عمر خيام'، رُباعي ٢٠٣، ٢٠١٢ع، ص:١٥٦)

(اڄ مونکي شرابَ جو ڪو خوف ناهي. (جيڪو سرور ۽ نشو ڏئي) اهو تہ زهر آهي. جيڪڏهن زمانو مونکي شراب ڏي تہ اهو ترياق آهي. دنيا جو غم زهر جهڙو آهي ۽ ان جو ترياق شراب آهي. مان تہ ترياق پيئندو آهيان تہ جيئن زهر جو مونکي ڪو خوف نہ رهي.)

مٿينءَ رباعيءَ مان، خيام جو مقصد اهو آهي تہ 'زماني جو شرابُ، جنهن کي ماڻهو زهر چوندا آهن سو اصل ۾ ترياق آهي ۽ خيام اهو ترياق ان ڪري پيئندو رهندو آهي جيئن سندس دل ۾ زماني جو غم ۽ خوف نہ رهي.'

شاهہ لطيف جا متارا جيڪي وري موڪيءَ جي شرابَ جا متوالا آهن، سي پڻ وهہ جهڙي ڪَڙي شراب کي ماکي ڪري پيئڻ جا عادي آهن. اُهي اهو زهريلو شراب ڏسي خوش ٿيندا آهن، ڇوتہ اُهي ڪڙي ۽ قاتل جا هيراڪ آهن. توڙي سندن اندر پڇي پُري پوي تہ بہ هو منڌ کي ماکي ڪري پيئڻ وارو راز ڪنهن سان نہ سليندا آهن. عمر خيام تہ چِٽو چئي ڇڏيو آهي تہ هو شراب کي ترياق ڄاڻي ان ڪري پيئندو آهي جيئن وٽس زماني جو غم ويجهو نہ اچي پر لطيف سائين ڪڙي کي مٺو ڪري پيئندڙن جي زباني اهو راز نہ کوليو آهي ۽ چيو آهي تہ 'توڻي چِڪَنِ چاڪَ، تہ بہ آهَ نہ سَلِن عامَ کي.'



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

قاتلُ كمائِي كَري، وِهُ ماڪِي جي ڪَنِ،
وَٽان ويهِي تَنِ، پِيجِ ڪي پياليُون.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۴، بيت ٦، ٢٠٠٥ع، ص: ١٠١)

عاشَق زهرَ پِياڪَ، وِهُ پَسيو وِهُسَنِ گهڻُو،
ڪَڙي ۾ قاتِلَ جا، هَميشه هيراڪَ،
لَڳِيَنِ لَئُون، لَطِيفُ چي، فَنا ڪيا فِراقَ،
توڻي چِکَنِ چاڪَ، تَ پِ آهَ نہ سَلَنِ عام ڪي.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان ٢، بيت ٢٣، ٢٠٠٥ع، ص: ٧٥)

عمر خيام جي خيال ۾ جوانيءَ جا ڏينهن شراب نوشيءَ جا ڏينهن آهن، انهن ڏينهن ۾ ڪڙو ۽ قاتل ئي سرور بخشيندو آهي. جڻ اهي نوجوان شاهه لطيف جي انهن عاشقن وانگر هوندا آهن جيڪي وهه ڏسي وهسندا آهن.

امروز    که    نوبت    جوانی    منست
می    نوشم    ازاں    که    کامرانی    منست
عیش    بکنید    زانکه    است    خوش    است
تلخ    است    ازانکه    زندگانی    منست

(ابڙو، عطا الله، ’رباعيات عمر خيام‘، رُباعي ۴٩، ٢٠١٢ع، ص:٧٩)

(اڄ جڏهن منهنجي (ڦوهه) جوانيءَ جا ڏينهن آهن تہ مان شراب پيئان ٿو، ڇوتہ اهي ئي منهنجي ڪاميابيءَ جا ڏينهن آهن، ان ڪري عيش ڪرڻ گهرجي. شراب جيترو ڪَڙو هوندو آ اوترو ئي مزو ڏيندو آ. اهو ڪڙو ان ڪري آ جو اهو منهنجي زندگي آهي.)

هن مختصر اڀياس مان خيام، منڊ ۽ شاهه لطيف جي ٿ رخي سٻنڌ ڪي سمجهڻ جي حوالي سان جيڪي مثال پيش ڪيا ويا آهن. انهن مان اهو سمجهڻ ڏکيو نہ آهي تہ شاهه لطيف جي شاعري، پنهنجي فڪري وسعت جي لحاظ کان ڪيتري اهم آهي. شاهه لطيف جي گهڻ رخي تقابلي اڀياس ۽ عظيم ڏيهان ڏيهه شاعرن سان فڪري هڪجهڙائي





ڪي جاچڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هو دنيا جي شاعرن ۾ اهم ۽ منفرد مقام رکي ٿو. سندس شاعريءَ رڳو فن جي سطح تي ئي نہ پر فڪر ۽ تخيل جي سطح تي بہ دنيا جي عظيم شاعرن سان برميچڻ لائق آهي. خاص طور عمر خيام جي شاعريءَ وارن ساڳين موضوعن کي شاهه لطيف اهڙي طرح پنهنجو ڪيو آهي جو ان ۾ اصل فڪر ۽ خيال جي خوشبو قائم رهندي، هڪ انفراديت محسوس ٿئي ٿي، ڇوتہ شاهه لطيف ڪنهن بہ خيال يا فڪر کي اڪثر جيئن جو تيئن پيش نہ ٿو ڪري پر ان کي وڌائي سنواري ۽ فڪري وسعت ڏئي زميني حقيقت ۽ ثقافتي رشتي سان ڳنڍي پيش ڪري ٿو.

## حوالا


١. قادري، اياز، ’سنڌي غزل جي اوسر‘، ڀاڱو پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٣ع، ص: ١١٣.

2. https://www.poets.org/poetsorg/poem/i-taste-liquor-never-brewed-214

3. Charles Bukowski "The suicide kid" https://www.poets.org/text/poems-about-drinking

4. Rubaiyat of Omar Khayyam (Philosophy) http://www.okonlife.com/life/philosophy.htm

٥. دانش، احسان، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ‘، ٢٠١٦ع، ص: ٥١ -١٥٠.

٦. ساڳيو، ص: ١٥-٥٢.

7. https://www.goodreads.com/author/quotes/275648.Socrates

٨. ڪاشف، محمد حسين، ’شاهه جي رسالي جي سڃاڻي‘، ١ ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ، ٢٠١٠ع، ص:۴١٩.


**نوٽ**:

- شاهه لطيف جا سمورا بيت هن رسالي مان کنيا ويا آهن: شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، ’شاهه جو رسالو‘ سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي.
- عمر خيام جون رباعيون: ابڙو، عطا الله، پروفيسر (٢٠١٢ع)، ’رباعيات عمر خيام‘، ڏاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair